Charles Sturt University

# ٿڻ يا اوھ جي سوڄ کان بچاءُ

## ٿڻن جي سوڄ کي گھڻو ڪري اوھ جي سوڄ يا فڪريو چيو ويندو آھي.





ٿڻن جي سوڄ ۾ مبتلا جانورن جي کير جي معيار ۽ مقدار ۾ تمام گھڻي گھٽتائي اچي ويندي آھي ۽ بروقت علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ٿڻ ضايع ٿي ويندو آھي جيڪو ڊيري فارمر جي جي معاشي نقصان جو سبب بڻجي ٿو.

## ٿڻ جي سوڄ ٿيڻ جا اھم سبب



- واڙي ۾ صاف سٿرائي جو غير مناسب انتظام.
- ٿڻ يا اوھ تي ۽ ان جي علاج تي توجہ نہ ڏيڻ.
- خراب هٿن ۽ غلط طريقي سان ڏوھائي ڪرڻ.
- ڦرن کي ڏوھائي کان پوءِ کير پيارڻ.
- پھپھوندی لگی خوراک کا استعمال کرنا سينور (فنگس) لڳل خوراڪ جو استعمال ڪرڻ.

## ٿڻ جي سوڄ جون نشانيون (ظاھري حالت ۾)



- اوھ ۾ اوچتو سوڄ، ڳاڙھو ٿي وڃڻ، هٿ لائڻ تي گرم ۽ جانور کي سُور محسوس ٿيندو آھي.
- جانور کي تيز بخار ٿي ويندو آھي ۽ جانور کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آھي.
- کير جي پيداوار ۾ گھٽتائي، کير جو ڦٽي وڃڻ ۽ کير ۾ ڳنڍيا نظر اچن ٿا.
- ٿڻن جي سوڄ واري جانور جو کير بدبودار ۽ لوڙيانو ٿي وڃي ٿو.
- بروقت علاج نہ ڪرائڻ جي صورت ۾ ٿڻ جي اندر ناڙ (مڻيون) ٿي ويندو آھي جنھن جي ڪري ھڪ يا ھڪ کان وڌيڪ ٿڻ سُڪي ويندا آھن.

## ٿڻن جي سوڄ جون نشانيون (اندروني يا لڪيل حالت ۾)

- ٿڻ يا اوھ جي ظاھري بناوت ۾ ڪابہ تبديلي نظر نٿي اچي.
- جانور صحتمند نظر ايندو آھي پر کير جي پيداوار ۾ ڪوٽ ۽ کير لاھڻ ۾ دير ڪندو آھي.
- کير ۾ ڦٽيون موجود نہ ھونديون آھن پر کير جو ذائقو لوڙيانو ٿي ويندو آھي.
- اھڙي حالت م ٿڻ ۾ ناڙ(مڻيون) ٿي ويندو آھي ۽ اھو سلسلو گھڻن مھينن يا سالن تائين لڪيل رھي سگھي ٿو.
- ڪڏھن ڪڏھن ٿڻ مان ڇڊي لسي يا ڳند جھڙو گھاٽو مواد نڪرندو رھندو آھي.

## سرف ٽيسٽ جو طريقو



ٿڻن جي سوڄ جي اندروني حالت ڏسڻ جي لاءِ سرف ٽيسٽ سڀ کان سادو ۽ سستو طريقو آهي.

- جانورن ۾ ٿڻن جي سوڄ جي سڃاڻپ جي لاءِ هر پندرنهن ڏينهن بعد سرف ٽيسٽ ضرور ڪريو.
- گهر ۾ عام استعمال ٿيندڙ سرف جا 2 کان 3 چمچ هڪ ڪوپ ۾ حل ڪريو.
- چار پيالين ڪٽي ان ۾ چارئي ٿڻن مان ڌار ڌار کير جا گوها (سيڙهون) وٺو.
- هڪجيتري مقدار ۾ سرف وارو پاڻي ان چارئي پيالن ۾ وجهي اڌ منٽ تائين هلائيندا رهو.



| | |
|---|---|
| جيڪڏهن کير ۾ ننڍيون ننڍيون ڦُٽيون هجن | بيماري جو پهريون درجو (+) |
| جيڪڏهن کير گهاٽو يا سفيد ريشيدار هجي. | بيماري جو ٻيون درجو (++) |
| جيڪڏهن کير جيلي وانگر گهاٽو هجي. | بيماري جو ٽيون درجو (+++) |
| جيڪڏهن کير ڇڊو ۽ پنهنجي اصل شڪل ۾ هجي | جانور بيماري کان محفوظ آهي |

## ٿڻن جي سوڄ کان بچاءُ جا اهم اپاءُ




- ٿڻن جي سوڄ کان بچاءُ جي لاءِ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه دفعه واڙي جي صفائي ضرور ڪريو ۽ کير جي لاءِ استعمال ٿيندڙ ٿانون جي صفائي جو خاص خيال رکو.
- کير جي ڏوهائي کان پهريان ۽ پوءِ ٿڻن ۽ اوهه کي چڱي طرح ڌوئي خشڪ ڪري وٺو.
- ڪڏهن به آنگوٺو بند ڪري ڏوهائي نه ڪريو ۽ کير جي مڪمل ڏوهائي ڪريو.
- ڦرن کي ڏوهائي کان پهريان کير پياريو.
- ڏوهائي کان پوءِ ٿڻن کي جيوڙن کان بچاءُ واري دوا لڳائڻ سان ٿڻن جي سوڄ واري بيماري ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي.
- کير جي ڏوهائي کان پوءِ جانورن کي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ ويهڻ نه ڏيو ته جيئن ٿڻ ۾ کير واري نالي بند ٿي وڃي.
- بيماري واري جانور کي صحتمند جانورن کان الڳ رکو ۽ ان جي ڏوهائي آخر ۾ ڪريو.
- ڍُڪي جانور کي خشڪ ڪرڻ کان پهريان گهٽي وقت تائين اثر رکندڙ اينٽي بائيوٽڪ ٿڻن ۾ داخل ڪريو اهڙي عمل سان ويامڻ بعد ٿڻ يا اوهه جي سوڄ جو خطرو گهٽجي وڃي ٿو.
- ٿڻ يا اوهه جي سوڄ ۽ ٻين جراثيمي بيمارين جي خلاف مناسب قوت مدافعت جي لاءِ جانورن کي متوازن خوراڪ ڏجي.
- جانورن جي صحت جي متعلق ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان فوري رابطو ڪريو.

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور.

فون: 042-37212339 ويب سائٽ: www.aslpdairy.pk